# جيئري اُميد جا منتظر



”ان سان گڏ اسين انهيءَ برڪت پري اميد، يعني عيسيٰ مسيح جيڪو اسان جو عظيم خدا ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي، تنهن جي شان وَ شوڪت سان ظاهر ٿيڻ جو انتظار ڪريو.“
(طيطس 13:2)




ليکڪ
چيلن جان ميڪ ٽرنن

Founder of Parent Site:
USA Prophecy.com

# اسان جي عظيم خدا ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ عيسيٰ المسيح جو جلويدار ظهور

دنيا ۾ ماڻهو ٽن شين کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهن جن ۾ خاص طور اسان کي جسماني طور (هوا) (پاڻي) (خوراڪ) جهڙيون شيون شامل آهن. اسين ڪجهہ منٽ هوا کان سواءِ ۽ ڪجهہ ڏينهن پاڻيءَ کان سواءِ ۽ تقريباً هڪ مهينو خوراڪ کان سواءِ جيئرا رهي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح اسان کي روحاني طور جيئرو رهڻ لاءِ محبت، ايمان ۽ اميد جي ضرورت آهي. سڀني کي محبت ۽ پيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. محبت کان سواءِ اسين مري وڃون ٿا. گهڻو ڪري انهن ماڻهن ۾ ڏنو وڃي ٿو جيڪي نفرت آميز، تلخ ۽ معافي نہ ڏيڻ وارا، بي‌رحم ۽ ظالم آهن. انهيءَ سبب جي ڪري انسان جي اندر هي حصو دم ٽوڙي وڃي ٿو. روحاني طور اسان کي جيئرو رهڻ لاءِ ايمان ۽ اميد جي ضرورت هوندي آهي. انهن ٻنهي جي عمل ۾ چولي دامن جو ساٿ آهي. پر اميد سڀ کان اهم آهي. خدا اسان کي اميد سان رهڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي پر هن کان سواءِ اسين مري ويندا‌سين. جيڪڏهن ڪو شخص جيئرو رهڻ جي اميد ڇڏي ڏئي ٿو ۽ مونجهارو انهيءَ تي قابض ٿئي ٿو تہ انهيءَ مان جسماني خرابي ۽ خودڪشي بہ ٿي سگهي ٿي. هن دنيا جون مصيبتون انساني اميد کي ڇٽي ڇڏين ٿيون. پر اميد خدا جي طرفان اسان جي روح لاءِ هڪ مضبوط ٽڪر وانگر آهي جيڪا اسان کي ڪڏهن بہ ناڪام ٿيڻ نہ ٿي ڏئي.

اميد ڇا آهي؟ هي هڪ توقع آهي جنهن ۾ حصول جي شوق سان گڏ خواهش بہ شامل آهي. اعتماد سان توقع ڪرڻ ڪنهن جي اميد سان انهيءَ جي خواهش کي فروغ ڏيڻ جنهن تي اسان جون اميدون مرڪوز هجن. اسان جي اميد شخصي طور عيسيٰ مسيح ۾ مڪمل ٿيڻ واري آهي جيئن بائبل مقدس واعدي سان گڏ بيان ڪري ٿي. عيسيٰ مسيح بائبل مقدس ۾ عهد جي مطابق پهريون ڀيرو آيو هو. هو

بائبل مقدس جي بلڪل واعدن مطابق وري موٽي ايندو. بائبل مقدس انهيءَ خوبصورت منظر کي ائين ڏيکاري ٿي ته عيسيٰ مسيح ايمان وارن لاءِ موٽي ايندو. هو هڪ للڪار ۽ توتاري جي زبردست آواز سان لهندو. پهريائين ته اهي جيڪي مسيح ۾ سمهي رهيا هئا اهي نئين بدن سان گڏ جيئرا ٿي اٿندا ۽ ڪڪرن تي اڏامي عيسيٰ مسيح سان ملندا. اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ ڏينهن تي جيئرا هوندا ۽ دائمي، شاندار ۽ جلويدار جسم حاصل ڪندا ۽ عيسيٰ مسيح سان ڪڪرن ۾ ملندا. اهي شاندار ۽ جلويدار بدن هميشه خدا جي دائمي جلوي ۾ رهندا. هي سڀ ايترو ته تيزيءَ سان ٿيندو جو اک ڇنڀ کان به اڳ ۾ ٿيندو. تنهن کان پوءِ عيسيٰ المسيح اسان کي آسمان واري بادشاهيءَ ۾ وٺي ويندو.

”هو پنهنجي انهيءَ قدرت سان، جنهن جي ذريعي هر شيءِ کي پنهنجي هٿ هيٺ آڻي ٿو سگهي، اسان جي خسيس بدن کي بدلائي پنهنجي عظمت واري بدن جي صورت جهڙو ڪندو.“ (فلپين 21:3)

عيسيٰ مسيح جو ايمان وارن سان ڪڪرن ۾ ملڻ ۽ کين پنهنجي بادشاهيءَ ۾ وٺي وڃڻ اها هڪ برڪت پري اميد آهي. اها هڪ اهڙي برڪت پري اميد آهي جنهن جي ڪري ايمان وارا جيئرا رهندا آهن ۽ انهيءَ کي ڪڏهن به ڪوڙو ڪري يا وري انهيءَ کي ڪڏهن گهٽ ڪري نه ٿو سگهجي. اهو ئي اسان جي روح جو بنياد آهي.

”اهو ملائڪن جي سردار جي آواز سان ۽ خدا طرفان توتاري وڄڻ سان ٿيندو. ان وقت خداوند عيسيٰ وڏي واڪي حڪم ڏيندي پاڻ آسمان مان هيٺ لهندو. تڏهن جيڪي مسيح تي ايمان رکندي مري ويا آهن سي پهريائين جيئرا ٿي اٿندا. انهيءَ کان پوءِ اسان ايمان وارن مان جيڪي ان وقت جيئر هوندا سي انهن سان گڏ ڪڪرن ۾ مٿي کنيا ويندا، ته جيئن هوا ۾ خداوند عيسيٰ جو استقبال ڪن. انهيءَ طرح اسين سڀ خداوند عيسيٰ سان هميشه رهنداسين.
(1 ٿسلونيڪين 4:16-17)

عيسيٰ المسيح ايمان وارن کي ڪڪرن ۾ ملڻ کان پوءِ
اسان کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ وٺي ويندوجتي اسين پنهنجي
اکين سان خدا پاڪ کي پنهنجي جلالي تخت تي وڏي شان
وَ شوڪت سان ويٺل ڏسنداسين. بائبل مقدس خدا جي تخت
کي تمام خوبصورت رنگن سان بيان ڪري ٿي جتي باهه
سان ٻرندڙ چراغدانن سان گڏ بجلي ۽ ڪِنوَڻ چمڪندي آهي،
ڇاڪاڻته عيسيٰ مسيح اسان جي برڪت پري اميد آهي
جنهن سان اسين خوفزده نه ٿينداسين ۽ انهيءَ تخت جي
اڳيان چڻ ته شيشي جو سمنڊ جيڪو بلور جهڙو آهي، ايمان
وارا انهيءَ تي بيٺل هوندا.
خدا پيءُ جي اڳيان بيهڻ کان پوءِ وري ايمان وارن کي
گهيٽڙي جي شادي جي دعوت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ ڪيڏو
نه خوبصورت ۽ دل کي وٺندڙ حيرت جهڙو نظارو هوندو.
اهو بلڪل ائين ئي هوندو جيئن زمين تي شادي هوندي آهي
جنهن ۾ گهڻا خاندان ۽ دوست احباب زبردست واڪاڻ ۽
مزيدار کاڌن سان گڏ ٿيندا. اتي اسين خاندانن ۽ دوستن سان
گڏ خوشي ملهائينداسين ۽ آسمان ۾ ڪُنوار (ڪليسيا) سنهي
وٺيل سٽيءَ جي صاف سٿري ۽ چمڪندڙ لباس سان
سينگاريل هوندي ۽ ايمان وارا به حيرت جهڙي سفيد لباس
سان سينگاريل هوندا. اهو اتحاد خدا ۽ سندس ماڻهن جي وچ
۾ هوندو.

"هن کي سنهي وٺيل سٽيءَ جا صاف سٿرا ۽ چمڪندڙ
ڪپڙا پائڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. انهن عمدن ڪپڙن مان
مراد مسيح ۾ چوندي پاڪ ڪيلن جي سچائيءَ وارا ڪم
آهن. ان کان پوءِ ملائڪ مون کي چيو ته 'هي لکي ڇڏ ته
سڀاڳا آهن اهي، جن کي گهيٽڙي جي شاديءَ جي دعوت
ملي آهي.' هن هي به چيو ته 'هي خدا جا سچا لفظ آهن.'"
(مڪاشفو 9-19:8)

انهيءَ ڪري بائبل مقدس فردوس ۾ اسان کي پنهنجو گهر
ڏيکاري ٿي جنهن کي نئون ۽ مقدس يروشلم چيو وڃي ٿو ۽
اهو شهر جسامت ۽ قد جي لحاظ کان تمام ڪشادو آهي. اهو
هڪ قوم وانگر آهي ۽ انهيءَ شهر جو بنياد خوبصورت ۽

قيمتي پٿرن سان ٺهيل آهي جنهن مان خدا جي جلال جي روشني ظاهر ٿيندي رهندي- هي شهر سون سان پريل آهي- اهڙيءَ طرح هي خدا جي شان سان گڏ هڪ شاندار زيور جهڙو آهي-


”هو مون کي پاڪ روح جي ضابطي واري حالت ۾
هڪڙي وڏي ۽ مٿاهين جبل تي وٺي ويو ۽ پاڪ شهر
يروشلم خدا وٽان آسمان مان لهندو ڏيکاريائين- اُن ۾ خدا جو
جلوو هو ۽ اهو تمام قيمتي هيري جواهر وانگر چمڪي
رهيو هو، ڄڻ تہ زبرجد ۽ اهڙو صاف هو جهڙو بلور-“
(مڪاشفو 21:10-11)

”ڇو تہ خدا دنيا سان ايترو تہ پيار ڪيو جو هن پنهنجو
هڪڙو ئي فرزند ڏنو تہ جيڪو بہ مٿس ايمان آڻي سو برباد
نہ ٿئي پر کيس دائمي زندگي ملي-“ (يوحنا 3:16)

جيئري اميد سان گڏ دائمي زندگيءَ ۾ رهڻ کان پهريائين اوهان تي گناهہ جي سزا هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي- خدا پاڪ آهي پر انسان جو گناهہ هڪ تمام وڏو ڏوهہ آهي- خدا کان جدائي هڪ عذاب ۽ پوائتي حالت آهي جنهن سان انسان جهنم جو وارث بڻجي وڃي ٿو پر جڏهن عيسيٰ المسيح پنهنجي مصلوبيت جي ڏينهن صليب تي پنهنجو قيمتي رت وهايو، ائين هن گناهہ جي اجر جي پوري قيمت ادا ڪري ڇڏي آهي- پر معاوضي جي ادائگيءَ سان گڏوگڏ هاڻي اوهان کي خدا سان گڏ دائمي زندگيءَ جو پورو يقين هوندو-

عيسيٰ المسيح نہ فقط اسان جي گناهن خاطر مصلوب ٿيو بلڪ هو هڪ جلويدار بدن سان گڏ مري ويلن مان جيءُ اٿيو يعني هاڻي اوهين مبارڪ اميد سان گڏ رهي سگهو ٿا-

عزيزو! خدا اوهان سان محبت رکي ٿو پر اوهان کي سندس حضور ۾ پنهنجي گناهن جو اقرار ڪرڻو پوندو تہ عيسيٰ المسيح اوهان جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي-



# برڪت ڀري اميد ۾ عيسيٰ المسيح
# کي قبول ڪرڻ لاءِ دُعا

اي پاڪ خدا! آءٌ تنهنجي حضور ۾ پنهنجي گناهن جو اقرار ٿو ڪريان. آءٌ ايمان رکان ٿو تہ عيسيٰ المسيح منهنجي گناهن لاءِ مصلوب ٿيو ۽ پنهنجو رت وهايو. آءٌ اقرار ٿو ڪريان تہ عيسيٰ المسيح منهنجو خدا ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي. هاڻي خدا پيءُ سان گڏ دائمي زندگيءَ جي آرام ۾ ۽ برڪت ڀري اميد ۾ آءٌ هميشہ جي زندگي ۾ رهندس. خدا پيءُ آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ منهنجي شڪستدل کي چڱو ڀلو ڪر. آءٌ انهن سڀني کي معاف ڪريان ٿو جن منهنجي دل کي ٽوڙيو آهي. خدا پيءُ پنهنجي فضل جي وسيلي مون کي خوف، اضطرب، دهشت، نفرت، مونجهاري ۽ تلخيءَ کان شفا بخشِ۽ آزاد ڪر. خدا پاڪ آءٌ تنهنجو شڪرگذار آهيان تہ تو عيسيٰ المسيح کي منهنجي گناهن کان آزاد ڪرڻ ۽ منهنجي شڪستدل کي شفا ڏيڻ لاءِ موڪليو. آمين

چالاءِجو اهي ماڻهو پاڻ ذڪر ٿا ڪن تہ ڪهڙيءَ طرح اوهان اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. اهي ٻڌائين ٿا تہ ڪيئن اوهان بتن کي ڇڏي خدا ڏانهن ڦريا، تہ جيئن سچي ۽ زنده خدا جي بندگي ڪريو
۽ آسمان مان سندس فرزند يعني عيسيٰ مسيح جي اچڻ جو انتظار ڪندا رهو، جنهن کي هن مئلن مان جياريو. هو اسان کي خدا جي ايندڙ غضب کان بچائي ٿو.
(1ٿسلونيڪين9:10)

آرگنائزر
پاسٹرسالڪ جان
مبشرجميل سالڪ
رابطي لاءِ
0300-6606310
revsalikjohn@gmail.com
ايمبيسڊرآف گاڈچرچ اينڈمنسٹريزانٹرنيشنل